★★

ABC Certified DAILY AAS HYDERABAD

روزاني آس حيدرآباد

dailyaashyd@gmail.com

(سال15) اربع 09 مارچ 2022ع بمطابق 05شعبان المعظم 1443ھ شمارو 67 (قيمت 15 روپيا)

عوامي مارچ کي ٽي چوڪ تي روڪيو ويو، بلاول پاران فيض آباد بلاڪ ڪرڻ جو اعلان

موجب پ پ جي عوامي مارچ جي وڏي قافلي کي اسلام آباد پوليس روڪي ورتو، پويان موجود گاڏين کي مختلف جاين تي رنڊڪون لڳائي روڪيو ويو، بلاول به اڳتي وڌڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو

بلاول مڪمل قافلي ڪانسواءِ اڳتي وڌڻ کان انڪار ڪيو، جنهن ڪانپوءِ عوامي مارچ جو قافلو ايڪسپريس وي کان اڳ ٻين سائين جي انتظار ۾ رڪجي ويو: پ پ ترجمان

اسان جي ڪارڪنن کي روڪيو ويو آهي، فيض آباد بلاڪ ڪنداسين، ڏي چوڪ نه وينداسين (بلاول ڀٽو) اسان فيض آباد تي ڌرڻو هڻنداسين، آخري ڪارڪن اچڻ تائين قافلو اڳتي نه وڌندو: فيصل ڪريم ڪنڊي

آئون ۽ بلاول گڏجي عوام جي خدمت ڪنداسين، بلاول رڳو منهنجو نه توهان جو به پٽ آهي، توهان جو به ٻاءُ آهي، اسان گڏجي ملڪ کي تڪليفن مان ڪڍنداسين: آصف علي زرداري

وقت اچي ويو آهي ته وزيراعظم عمران خان کي هٽايو وڃي مان ٽر کان وٺي ڪراچي وارن جي چهري کي جڳي طريقي سان سڃاڻان ٿو، هاڻ هن نااهل عمران خان کي گهر اماڻڻ جو وقت اچي ويو آهي

اسلام آباد (م ڊ) پ پ جي عوامي مارچ کي اسلام آباد پوليس ٽي چوڪ تي روڪي ورتو، جنهن ڪانپوءِ بلاول ڀٽو زرداري به رستي ۾ رڪجي ويو. پ پ ترجمان طرفان جاري ڪيل بيان موجب پ پ جي عوامي مارچ جي وڏي قافلي کي اسلام آباد پوليس روڪي ورتو آهي. اطلاعن موجب جنهن ڪنٽينر تي بلاول ڀٽو زرداري سوار آهي، ان جي پويان موجود گاڏين کي مختلف جاين تي رنڊڪون لڳائي روڪيو ويو جنهن ڪانپوءِ بلاول به اڳتي وڌڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. پ پ ترجمان موجب بلاول مڪمل قافلي ڪانسواءِ اڳتي وڌڻ کان انڪار ڪيو جنهن ڪانپوءِ عوامي مارچ جو قافلو ايڪسپريس وي کان اڳ ٻين سائين جي انتظار / بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 21

اسلام آباد: اڳوڻو صدر آصف زرداري ۽ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ڪارڪنن جي نعرن جو جواب ڏيندي

ميمبرن کي ايوان ۾ آڻي 172 کان وڌيڪ ووٽ ڪڍنداسين: اپوزيشن جي ٽن وڏن جو اعلان

سليڪٽيڊ وزيراعظم معاشي ۽ سماجي حوالي سان ملڪ جو جيڪو حشر ڪيو تنهن جو مثال 74 سالن ۾ نٿو ملي، مهانگائي ۽ بيروزگاري تاريخ جي اوچي درجي تي آهي: شهباز شريف

ملڪ اندر هن وقت قرض وٺي 22 ڪروڙ ماڻهن کي گروي رکيو ويو آهي، انهن قرضن عيوض هڪ به ترقياتي ڪم نظر نٿو اچي، جن دوست ملڪ سٺن ۽ برن وقتن ۾ ساٿ ڏنو تن کي ناراض ڪيو ويو

اليڪشن بعد هڪ هفتي اندر اندر هڪ گڏيل موقف تيار ڪيو ته اليڪشن ناجائز ٿي، ڌاڙو هنيو ويو، نتيجا نٿا مڃون ان ڪانپوءِ تحريڪ جو آغاز ٿيو، مختلف مارچ انهي جدوجهد جو تسلسل آهن: مولانا فضل الرحمان

توهان کي خوشخبري ٻڌايان ٿو ته اڄ کان حامد مير بحال ٿي چڪو آهي، جمهوريت ۾ ڪنهن کي حق نٿو پهچي ته ڪنهن جي زبان بند ڪري، آئون صدر هيس ته صحافين اختلاف ڪيو، الزام لڳايا: آصف زرداري

اسان سوچيو ته هاڻ نه ته ڪڏهن به نه، ملڪي حالتون ايترو خراب ٿي وينديون جو ڪو ناهي نه سگهندو، ان ڪري سڀ گڏ ٿياسين مشاورت ڪئي، ڪا اڪيلي پارٽي ملڪ کي مشڪل مان نٿي ڪڍي سگهي، ملي ڪم ڪرڻو پوندو

اسلام آباد (م ڊ) اپوزيشن وزيراعظم عمران خان خلاف بي اعتمادي رٽ جمع ڪرائي ڇڏي آهي، تحريڪ عدم اعتماد جمع ڪرائڻ جو فيصلو مسلم ليگ ن جي پارلياماني پارٽي جي اجلاس ۾ ڪيو ويو. شاهده اختر علي، مريم اورنگزيب، خواجا سعد رفيق، شازيه مري، نويد قمر، رانا ثناءالله ۽ اياز صادق قومي اسيمبلي جو اجلاس گهرائڻ ۽ بي اعتمادي جي رٽ جمع ڪرائڻ لاءِ قومي اسيمبلي سيڪريٽريٽ پهتا، ٻئي پاسي پي ڊي ايم جي سربراه / بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 22

اسلام آباد: اڳوڻو صدر آصف زرداري، شهباز شريف ۽ مولانا فضل الرحمان پريس ڪانفرنس ڪندي

اپوزيشن پويان ڪيترائي پرڏيهي هٿ آهن، ميمبرز کي 18_18 ڪروڙ آڇيا ويا: وزيراعظم

حڪومت ڪيئا انهن نه پٺي وڃي بي اعتمادي بعد وڌيڪ سگهارا ٿينداسين جيڪي آزاد پرڏيهي پاليسي ڏسڻ نٿا گهرن اهي اپوزيشن جي حمايت ڪن ٿا

پاڪستان سان گڏ بيٺي آهي، اها ڪڏهن به چورن جو ساٿ نه ڏيندي، هن وقت مائينڊ گيم هلي رهي آهي

عثمان بزدار ساڦت ٽارگيٽ آهي، آئون جهانگير ترين کي سڃاڻان ٿو، هو چورن سان گڏ نه ملندو

اسلام آباد (رپورٽ) وزيراعظم عمران خان چيو آهي ته اپوزيشن پويان هڪ نه ۾ ڪيترائي پرڏيهي هٿ آهن، ميمبرز کي 18_18 ڪروڙ آڇيا ويا، حڪومت ڪيئا انهن نه پٺي وڃي، بي اعتمادي رٽ بعد وڌيڪ سگهارا ٿينداسين. يو ٿيبرز سان ڳالهائيندي وزيراعظم چيو ته جيڪي آزاد پرڏيهي پاليسي ڏسڻ نٿا گهرن اهي اپوزيشن جي حمايت ڪن ٿا. فوج پاڪستان سان گڏ بيٺي آهي، اها ڪڏهن به چورن جو ساٿ نه ڏيندي. / بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 24

سبي ۾ ڌماڪو، 3 ڄڻا مارجي ويا، 28 ڄڻا زخمي، علائقي کي ڪڙو

سيڪيورٽي فورسز علائقي کي ڪڙو ڄاڙهي آپريشن شروع ڪري ڇڏيو، ڌماڪو سبي جي علائقي جيل روڊ تي ٿيو

ڌماڪي ۾ 28 زخمين کي سبي ضلعي اسپتال آندو ويو آهي، جن مان اڪثر جي حالت ڳڻتي جوڳي آهي: ايم ايس

ڌماڪي ڪانپوءِ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن علائقي کي سيل ڪري ڇڏيو ۽ بم ڊسپوزل اسڪواڊ کي واقعي واري هنڌ طلب ڪيو ويو

سبي (م ڊ) سبي جي جيل روڊ تي ڌماڪي جي نتيجي ۾ 3 ڄڻا مارجي ويا، 28 ڄڻا زخمي ٿي پيا. سيڪيورٽي فورسز علائقي کي ڪڙو ڄاڙهي آپريشن شروع ڪري ڇڏيو آهي. پوليس موجب ڌماڪو سبي جي علائقي جيل روڊ تي ٿيو جنهن ۾ ٽن ڄڻن جي مارجڻ جي تصديق ڪئي وئي، جڏهن زخمين ۾ پوليس اهلڪار پڻ شامل آهن. ايم ايس ڊاڪٽر سرور هاشمي جو چوڻ هو ته ڌماڪي ۾ 28 زخمين کي سبي ضلعي اسپتال آندو ويو / بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 26

اسلام آباد ويجهو ڪار کي حادثو، ٻن ٻارڙن سميت 4 ڄڻا سڙي فوت

سنگجاني ويجهو ملٽي گارڊن جي سامهون گاڏي کاهي ۾ ڪري پئي: پوليس

ڪار ۾ سوار ٻن ٻارن سميت هڪ عورت ۽ هڪ مرد سڙي فوت ٿي ويا

ڪراچي (م ڊ) اسلام آباد ويجهو جي ٽي روڊ تي ڪار حادثي جي نتيجي ۾ ٻن ٻارڙن سميت 4 ڄڻا سڙي فوت ٿي ويا. پوليس موجب سنگجاني ويجهو / بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 27

وومينز ورلڊ ڪپ: آسٽريليا هٿان پاڪستان کي شڪست

قومي ٽيم مقرر 50 اوورن ۾ 6 وڪيٽن جي نقصان تي 190 رنسون ناهي سگهي

مائونٽ مانگنوئي (م ڊ) وومينز آءِ سي سي ورلڊ ڪپ جي ٽورنامينٽ ۾ آسٽريليا هٿان قومي ٽيم کي شڪست ٿي، آسٽريليا ٽاس کٽي اڳ ۾ بالنگ جو فيصلو / بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 25

سنڌ حڪومت پاران صوبي ۾ مال ڀڙين تي مڪمل پابندي

چوپائي مال ۾ چمڙي جي لمپي بيماري بعد لاڙڪاڻي ۾ مال ڀڙين تي پابندي

ڪراچي، حيدرآباد، سکر ۽ لاڙڪاڻو ڊويزن جي ڪمشنر ڏانهن مال ڀڙين تي پابندي لاءِ ليٽر جاري

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) چوپائي مال ۾ چمڙي جي لمپي بيماري بعد سنڌ سرڪار طرفان سڄي سنڌ سميت لاڙڪاڻي ۾ مال ڀڙين تي پابندي لڳائي / بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 23

عدم اعتماد جي ڪاميابي جي صورت ۾ وزيراعظم نواز ليگ جو هوندو: نويد قمر

هن وقت قومي اسيمبلي ۾ وڏي پارٽي نواز ليگ آهي ۽ تحريڪ عدم اعتماد جي ڪاميابي ڪانپوءِ وزارت عظمىٰ انهن کي ملندي

نمبر پورا ٿيڻ کان پوءِ ئي عدم اعتماد جو پراسيس شروع ڪيو ويو هو، خانگي ٽي وي سان ڳالهيون

اسلام آباد (م ڊ) پيپلز پارٽي جي اڳواڻ نويد قمر چيو آهي ته عدم اعتماد جي ڪاميابي جي صورت ۾ وزيراعظم نواز ليگ جو هوندو. هن وقت قومي اسيمبلي ۾ وڏي پارٽي نواز ليگ آهي ۽ تحريڪ عدم اعتماد جي ڪاميابي ڪانپوءِ وزارت عظمىٰ انهن کي ملندي، هن چيو ته نمبر پورا ٿيڻ کان پوءِ ئي عدم اعتماد جو پراسيس شروع ڪيو ويو هو. قومي اسيمبلي ۾ وڏي پارٽي نواز ليگ آهي ۽ تحريڪ عدم اعتماد جي ڪاميابي ڪانپوءِ وزارت عظمىٰ انهن کي ملندي

*****

وزيراعظم چورن کي شڪست ڏيندو، سياسي مخالف ملڪي ترقي جا دشمن آهن: شيخ رشيد

راولپنڊي عورتن جي تعليم جي حوالي سان پاڪستان ۾ نمبرون آهي، 90 جي ڏهاڪي ۾ هي يونيورسٽي توهان ڪارڪنن ناهي هئي

لال حويلي کي يونيورسٽي ڏيڻ جو اعلان ڪيان ٿو، 90 جي ڏهاڪي ۾ منهنجي ڪوشش سان فاطمه جناح يونيورسٽي قائم ٿي

ڪراچي (م ڊ) وفاقي گهرو وزير شيخ رشيد چيو آهي ته عمران خان لٽيرن ۽ منافقن کان نه ڊڄي، وزيراعظم چورن کي شڪست ڏيندو، سياسي مخالف ملڪي ترقي جا دشمن آهن انهن جي ناڪامي نصيب. راولپنڊي ۾ تقريب کي خطاب ڪندي گهرو معاملن واري وفاقي وزير شيخ رشيد چيو ته راولپنڊي عورتن جي تعليم جي حوالي سان پاڪستان ۾ نمبرون آهي، 90 جي ڏهاڪي ۾ هي يونيورسٽي توهان ڪارڪنن ناهي هئي. راولپنڊي ۾ هر ڪنڊ ۾ غريبن جون / بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 30

تربت ۾ سيڪيورٽي فورسز جو آپريشن، 7 دهشتگرد مارجي ويا

سيڪيورٽي فورسز تربت جي علائقي گور چوپ ۾ دهشتگردن خلاف آپريشن ڪيو

آپريشن ۾ شديد فائرنگ، ڪمانڊر حاصل بلوچ ۽ واشدل سميت 7 دهشتگرد مارجي ويا

راولپنڊي (م ڊ) بلوچستان جي شهر تربت ۾ سيڪيورٽي فورسز جي آپريشن ۾ 7 دهشتگرد مارجي ويا. آءِ ايس پي آر موجب سيڪيورٽي فورسز تربت جي علائقي گور چوپ ۾ دهشتگردن خلاف آپريشن ڪيو. آءِ ايس پي آر پڌرو ڪيو ته آپريشن دهشتگردن جي لڪائي جي موجودگي جي ڳجهي اطلاع تي ڪيو ويو. آپريشن ۾ شديد فائرنگ جي ڏي وٺ ٿي / بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 29

سڀني افغان عورتن جا شرعي حق برقرار رکڻ لاءِ پرعزم آهيون: ذبيح الله مجاهد

عالمي ڏينهن افغان عورتن لاءِ پنهنجي جائز حقن جو مطالبو رکڻ جو بهترين موقعو آهي

اسان افغان عورتن جي حقن جو تحفظ ۽ بچاءُ ڪندا رهنداسين: جاري ڪيل بيان

ڪابل (م ڊ) افغانستان ۾ طالبان حڪومت عورتن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي افغان عورتن لاءِ پيغام جاري ڪيو جنهن ۾ عورتن جي حقن جي حوالي سان ڪيو ويو. ڪدي ۽ تقريبون ڪرائي عورتن جي حقن بابت ڳالهايو پيو وڃي، جڏهن ته طالبان به عورتن جي عالمي ڏينهن تي پيغام جاري ڪيو آهي. طالبان ترجمان ذبيح الله مجاهد چيو آهي ته حڪومت سڀني افغان عورتن جا شرعي حق برقرار رکڻ لاءِ پرعزم آهي. جڏهن ته عورتن جو عالمي ڏينهن افغان عورتن / بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 28

عدم اعتماد تحريڪ جو آئيني، قانوني ۽ سياسي انداز سان مقابلو ڪنداسين: شاهه محمود قريشي

وزيراعظم سان ڳالهايو آهي، هو عدم اعتماد جي رٽ جو ڀرپور طريقي سان مقابلو ڪندو، هي سياست آهي سڀ ڪو پنهنجي پنهنجي ڪوشش ڪندو

اپوزيشن کي شڪست ڏينداسين، عمران خان هڪ چونڊيل وزيراعظم آهي، هي ڪير ٿيندا آهن ان کان استعيفيٰ وٺڻ وارا

اسان مخالف ڌر جي ڪنهن به الٽي ميٽم کان خوفزده ناهيون، اسان جا اتحادي اسان جو ساٿ ڇو ڏيندا

اسلام آباد (م ڊ) پرڏيهي وزير شاهه محمود قريشي سان چيو آهي ته عدم اعتماد تحريڪ جو آئيني، قانوني ۽ سياسي انداز سان مقابلو ڪنداسين، اپوزيشن کي شڪست ڏينداسين. عمران خان هڪ چونڊيل وزيراعظم آهي، هي ڪير / بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 33

اهم وفاقي وزير عثمان بزدار جي تبديلي جا خواهشمند، وزيراعظم کي مشورو ڏئي ڇڏيو

لاهور (م ڊ) پنجاب ڪابينه ۾ وفاق ۽ به عثمان بزدار جي تبديلي جا آوازون شروع ٿي ويا آهن. ذريعن موجب وفاقي جا ڪيترائي اهم وزير پنجاب جي وڏي وزير عثمان بزدار جي تبديلي جا خواهشمند آهن. جن ۾ فواد چوڌري پنجاب جي وڏي وزارت ۾ تبديلي جو سڀني کان وڌو حامي آهي. ذريعن موجب وفاق ۾ اهم سينيئرن ۽ وزيرن / بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 34

اسلام آباد: مخالف ڌر جا اڳواڻ وزيراعظم عمران خان خلاف عدم اعتماد جي رٽ جمع ڪرائيندي

لاڙڪاڻي ۾ پروهيت جيري جي مرض ۾ مبتلا سرڪاري خرچ تي علاج ڪرائڻ لاءِ احتجاج

نوجوان پاڻ گڏيل 4 مهينن کان جيري جي بيماري ۾ مبتلائي گهر ۾ هڪ ٿي کٽ تي پيل آهي: ارشد سومرو

نوجوان پاڻ زندگي ۽ موت جي ٻه واٽي تي بيٺل آهي، نوٽيس وٺي پاڻ جو علاج ڪرائي سندس زندگي بچائي وڃي

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي پيپلز ڪالوني جي رهواسي پروهيت طرفان جيري جي مرض ۾ مبتلا پاڻ جو سرڪاري خرچ تي علاج ڪرائڻ لاءِ پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ويو، ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ پروهيت ارشد / بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 32

نوابشاهه ۾ عورتن جي عالمي ڏهاڙي جي مناسبت سان تقريب

عورتون بنا ڪنهن وياج يا سفارش جي لاڀ حاصل ڪري رهيون آهن: طلعت نعيم

احساس ڪفالت پروگرام تحت عورتن کي معاشي ٻاهر پرائي لاءِ پيسا ڏنا پيا وڃن

نوابشاهه (رپورٽ راڄ ڪمارلوڻ) 8 مارچ جي ڏهاڙي تي جڏهن سڄي دنيا ۾ عورتن جي بنيادي حقن ۽ تحفظ لاءِ پروگرام ڪيا ويندا آهن، انهي اهم ترين ڏينهن تي سنڌ سرڪار ۽ انهي جي عورتن جي ڀلائي تحفظ ۽ ترقي لاءِ قائم ٿيل وزارت / بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 35

نوابشاهه: عورتن جي عالمي ڏهاڙي جي مناسبت سان اڳواڻ پريس ڪانفرنس ڪندي

جڏهن آفيسرز عهدن تي هوندا آهن ۽ ڪرپشن ڪندا آهن ته حڪومت ڪجهه ناهي ڪندي: سنڌ هاءِ ڪورٽ

انيلا عطا وائيس چانسلر جي حيثيت ۾ نمرتا واقعي جي جاچ به نه ڪرائي، يونيورسٽي جي فنڊن ۾ اربين رپين جي ڪرپشن ٿي آهي: فوڪل پرسن

اربين رپيا هڪ اڪائونٽ مان ٻئي اڪائونٽ ۾ منتقل ٿيا آهن (وڪيل) ان ڪانپوءِ ڪهڙي ڪارروائي ڪئي وئي: عدالت

آفيسرن جي رٽائرمينٽ ڪانپوءِ حڪومت کي شيون نظر اچن ٿيون، هن کان اڳ سيڪريٽري ڪاظم جتوئي جي خلاف ڪهڙي ڪارروائي ٿي

ڪراچي (رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ بينظير ڀٽو شهيد ميڊيڪل ڪاليج لاڙڪاڻي جي وائيس چانسلر انيلا عطاءُ الرحمان کي جبري موڪل تي موڪلڻ خلاف داخل درخواست تي ٻڌائي ٿي. جنهن سلسلي ۾ صحت واري سيڪريٽري منير احمد وڃي سي / بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 31

اسلام آباد: پوليس رستن تي خاردار تارون وڇائي رهيل آهن

اسٽيٽ بئنڪ وياج جي شرح ايندڙ ٻن مهينن لاءِ 9.75 سيڪڙو تي برقرار رکڻ جو فيصلو ڪيو ويو

ڪراچي (م ڊ) اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان نئين مانيٽري پاليسي جو اعلان ڪري ڇڏيو. اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان طرفان نئين مانيٽري پاليسي جو اعلان ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ وياج جي شرح ايندڙ ٻن مهينن لاءِ 9.75 سيڪڙو تي برقرار رکڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. واضح رهي ته 24 جنوري تي جاري ڪيل مانيٽري / بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 36

ٽل ۾ عورتن جي عالمي ڏينهن تي 3 مقتولن جي خون سان انصاف لاءِ امڙيون سراپا احتجاج

غلام فاطمه چنو، صغري خاتون سومرو، حضوران خاتون سرڪي کي به انصاف نه مليو، اختيارين به ڪا سار نه لڌي

پٽ کي قتل ٿيڻ کان پوءِ اڪيلي ٿي وئي آهيان ڪوئي به سهارو ناهي ڪٿان به انصاف ناهي: غلام فاطمه چنو

گذريل ٽن سالن کان دردن جو داستان ٻڌيل آهيون پر ڪٿان به انصاف جو در نه کلي سگهيو آهي: امڙيون

ٽل (رپورٽ: خير محمد گولو) پوري دنيا سميت ٽل ۾ عورتن جو عالمي ڏينهن ملهايو ويو، عورتن جي عالمي ڏهاڙي تي ٽل جي ٽن مقتولن جي خون سان انصاف نه ٿيڻ ۽ 14 سالن کان معطي ٿيڻ جي بازيابي لاءِ انهن جون امڙيون سراپا احتجاج بڻيل / بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 37

عورتن جي برابري، ترقي، انصاف ۽ وقار لاءِ توڙ تائين جدوجهد جاري رکنداسين: اياز لطيف پليجو

پاڪستان ۾ سموريون حڪومتون عورتن کي حق ڏيڻ ۾ ناڪام رهيون آهن، جناح جي پاڪستان ۾ عورتن ۽ اقليتن جي حقن جي حفاظت ڪرڻ لازمي آهي

8 مارچ عورتن جي آئيني انساني ۽ سماجي حقن جي جدوجهد جو ڏينهن آهي، عورتن کي صرف احترام ئي نه برابر سان گڏ تعليم، صحت ۽ روزگار جو حق ڏنو وڃي

سنڌي سماج اندر ڏينهن ڏينهن عورتن جي حوالي سان حالت بدتر ٿيندي پئي وڃي دنيا جي اڪثر ملڪن ۾ عورت پنهنجي منزل ماڻڻ ۾ ڪامياب ٿي آهي: خطاب

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) قومي عوامي تحريڪ ۽ عورتن جي عالمي ڏهاڙي تي ڪارڪنن سان گڏ حيدرآباد ۾ شهباز بلڊنگ کان پريس ڪلب تائين عورت آزادي مارچ ۽ شرڪت ڪئي، ان موقعي تي ميڊيا / بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 38

لاڙڪاڻي ۾ احساس پروگرام جي قسطن مان ڪٽوتي خلاف احتجاج

مستحق عورتن بشيران شيخ، ڪشمير خاتون، فوزيه، پروين ميراڻي ۽ ٻين احتجاج ڪيو

رقم مان ڪٽوتي جو نوٽيس وٺي ملوث ايجنٽن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي: عورتون

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ احساس ڪفالت سينٽرن ۾ امدادي رقم مان هڪ هزار کان 2 هزار رپيا ڪٽوتي ڪئي پئي وڃي. اهڙي عمل خلاف مستحق عورتن بشيران شيخ، ڪشمير خاتون، فوزيه، پروين ميراڻي ۽ ٻين احتجاج / بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 39

سپريم ڪورٽ مونال ريسٽورنٽ کي سيل ڪرڻ وارو حڪم معطل ڪري ڇڏيو

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ مونال ريسٽورنٽ کي سيل ڪرڻ جو صحيح ٿيل حڪم نامو جاري ڪيو؟: جسٽس اعجاز الاحسن

هاءِ ڪورٽ جي مختصر حڪم جي تصديق ٿيل ڪاپي موجود آهي ۽ نه ئي تفصيلي فيصلو، انترا ڪورٽ اپيل تي ٻڌڻي ناهي ٿي: وڪيل

عدالتي حڪم کان اڳ ريسٽورنٽ ڪيئن سيل ڪيو ويو؟ جيڪڏهن وائلڊ لائيف بورڊ ڌر نه هو ته پوءِ سيل ڪرڻ ۾ ڦڙتي ڇو ڏيکاري وئي؟: عدالت

اسلام آباد (م ڊ) سپريم ڪورٽ مونال ريسٽورنٽ کي سيل ڪرڻ وارو اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جو حڪم معطل ڪري ڇڏيو آهي. سپريم ڪورٽ ۾ جسٽس اعجاز الاحسن جي سربراهي ۾ مونال ريسٽورنٽ سيل ڪرڻ خلاف درخواست جي ٻڌائي ٿي، جنهن ۾ جسٽس اعجاز الاحسن پڇاڻو ڪيو ته ڇا اسلام آباد هاءِ ڪورٽ مونال ريسٽورنٽ کي سيل ڪرڻ جو صحيح ٿيل حڪم / بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 40

مخالف ڌر ناڪام آهي، اها پهرين به ناڪام ٿي هاڻي به ناڪام ٿيندي: فرخ حبيب

شهباز شريف ۽ آصف علي زرداري فالودي واري، پاپڙ واري ۽ مقصود چپڙاسي جهڙن ڪردارن کي بچائڻ چاهين ٿا

40 سالن کان اهي ملڪ کي ڦريندا رهيا آهن، هاڻي به هوا جي طرح جي بليڪ ميلنگ ڪري رهيا آهن

اسان نه اڳ ۾ مخالف ڌر کان بليڪ ميل ٿيا آهيون ۽ نه هاڻي انهن کان بليڪ ميل ٿينداسين لکي وٺو

اسلام آباد (م ڊ) اطلاعات ۽ نشريات واري مملڪتي وزير فرخ حبيب چيو آهي ته مخالف ڌر ناڪام آهي، اها پهرين به ناڪام ٿي هاڻي به ناڪام ٿيندي. ان جي ايجنڊا ڳرو پنهنجي ڦرلٽ ۽ چوري کي بچائڻ آهي. مخالف ڌر وٽ نمبر پورا نه آهن. شهباز شريف ۽ آصف علي زرداري فالودي واري، پاپڙ واري ۽ مقصود چپڙاسي جهڙن ڪردارن کي بچائڻ چاهين ٿا، تحي ٿي وڃي جيئن / بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 41

اسلام آباد: صدر عارف علوي تقريب کي خطاب ڪندي

پنوعاقل: موجوده ملڪي سياسي صورتحال بحث جو اهم موضوع بڻجي وئي

پنوعاقل (رپورٽ طفيل آفتاب ڪورائي) موجوده ملڪي سياسي صورتحال بحث جو اهم موضوع بڻجي وئي، هوٽلن تي بحث مباحثا ٿيڻ لڳا، اڪثريت حڪومت ختم ٿيڻ جي ڳالهين ۾ مبتلا نه ڪجهه ماڻهو عمران خان جي حڪومت وقت پورو ڪرڻ جي يقيني ڳالهه ڪري ڇڏي پئي. طرف سکر ضلعي واسطو رکندڙ اهم سياسي ماڻهن / بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 42

هوسڙي ۾ درگاهه سيد قطب شاهه جو چار روزه عرس مبارڪ پڄاڻي تي پهتو

پروگرام ۾ فنڪارن صائم علي خوشبوءِ مختيار ورڪو ماڻهن کي گيتن تي جهومائي ڇڏيو

درگاهه جي گادي نشين پهلوان علائقي جي آيل معززين ۽ فنڪارن کي اجرڪون پارايون ويون

حيدرآباد (بيورو رپورٽ) هوسڙي شهر ۾ درگاهه سيد قطب شاهه جو چار روزه عرس مبارڪ پڄاڻي تي پهتو، عرس جي پروگرام ۾ فنڪارن صائم علي خوشبوءِ مختيار ورڪو ماڻهن کي گيتن تي جهومائي ڇڏيو / بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 43

لاڙڪاڻي پرسان رسول آباد ۾ سڳاوتي معاملي تان جهيڙو، پروهيت پيءُ سميت زخمي

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي حيدري ٿاڻي جي حد رسول آباد محلا ۾ سڳاوتي معاملي تان جهيڙو ٿي پيو جنهن ۾ لٺين ۽ ڪهاڙين سان پروهيت جاويد سولنگي ۽ سندس پيءُ زخمي ٿي پيا جن کي وارثن زخمي حالت ۾ اسپتال آندو / بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 44

اسلام آباد: وفاقي وزير اسد عمر ۽ شيرين مزاري پريس ڪانفرنس ڪندي

نواب ولي محمد لڳ ڀڳ قتل ٿيل 6 ڄڻن وارو ڪيس، گرفتار جوابدار عدالت ۾ پيش

عدالت ٻڌڻي 17 مارچ تائين ملتوي ڪئي، جوابدار 9 ڏينهن جي رمانڊ تي پوليس حوالي

اسان کي عدالت سڳوري مان پوري پوري اميد آهي ته اسان کي انصاف ملندو: روشن پنهور

نوابشاهه (م ڊ) نواب ولي محمد لڳ زمين جي مالڪي جي تڪرار تان قتل ٿيل ڇهن ڄڻن وارو ڪيس، گرفتار جوابدارن کي سي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو، ٻڌڻي 17 مارچ تائين ملتوي جوابدار 9 ڏينهن جي رمانڊ تي پوليس حوالي / بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 45

حيدرآباد ۾ عورتن جي عالمي ڏهاڙي تي عورت مڙس هٿان گولين هٿي قتل

قاسم آباد جي روينيو ڪالوني ۾ گهريلو جهيڙي بعد مڙس گولين هٿي پنهنجي زال کي قتل ڪري ڇڏيو

قتل ٿيل ناري جي سڃاڻپ 25 سالن جي صنم زال محمد عظيم چانڊيو طور ٿي آهي: نسيم نگر پوليس

ناري جو لاش پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيو ويو، صنم کي سندس مڙس قتل ڪيو آهي: وارث

حيدرآباد (بيورو رپورٽ) قاسم آباد جي روينيو ڪالوني ۾ گهريلو جهيڙي بعد مڙس گولين هٿي پنهنجي زال کي قتل ڪري ڇڏيو. نسيم نگر پوليس چيو آهي ته قتل ٿيل ناري جي سڃاڻپ 25 سالن جي صنم زال محمد عظيم چانڊيو طور ٿي آهي. ناري جو لاش پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيو ويو / بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 48

لاڙڪاڻي ۾ پ پ ش ب پاران اجلاس ڪوٺايو ويو

اجلاس ۾ اسلم شاهه دلمراد جتوئي، محمد رمضان رند ۽ ٻين اڳواڻن جي شرڪت

ڪوٺايل اجلاس ۾ چونڊيل عهديدارن کي گلن جا هار پارائي مبارڪون ڏنيون ويون

لاڙڪاڻو (حميد شيخ) پاڪستان پيپلز پارٽي (شهيد ڀٽو) ضلعي لاڙڪاڻي طرفان مرڪزي جنرل سيڪريٽري عنايت حسين عمراڻي جي صدارت هيٺ پارٽي سيڪريٽريٽ ڪڻيندي مارڪيٽ لاڙڪاڻي ۾ اجلاس ڪوٺايو ويو جنهن ۾ پ پ ش ب جي اڳواڻن سيد اسلم شاهه دلمراد جتوئي، محمد رمضان رند، ناصر عمراڻي / بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 47

لاڙڪاڻي ۾ شهرين پاران سيپڪو جي مبينا زيادتين ۽ هٿرادو لوڊشيڊنگ خلاف احتجاجي مظاهرو

شاهد شيخ، حميد الله سيال، عبدالشڪور سومرو، عبدالواسع ٽگڙ، آصف علي مگسي ۽ ٻين ميڊيا آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو

گذريل ڪيترن ئي ڏينهن کان وٺي سيپڪو وارا 24 ڪلاڪن مان صرف چار ڪلاڪ بجلي فراهمي ڪئي وڃي ٿي: مظاهرين

نوٽيس وٺي بجلي جي لوڊشيڊنگ ختم ڪري چائيل ٻي چيني ختم ڪئي وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو رستو اختيار ڪيو ويندو

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي ايوب ڪالوني ۽ صديقي ڪالوني جي رهواسين پاران سيپڪو جي مبينا زيادتين ۽ هٿرادو لوڊشيڊنگ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندڙ شاهد شيخ، حميد الله سيال، عبدالشڪور سومرو، عبدالواسع ٽگڙ، آصف علي مگسي ۽ ٻين ميڊيا آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو / بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 46

روزاني آس

ايڊيٽر : عاطف صادق

dailyaasoffical
dailyaasoffical
0322-3921123
0335-7558367

www.dailyaas.com.pk Email-dailyaashyd@gmail.com

ڪراچي آفيس: رابطي لاءِ 10 اي 1-ٿئون فلور، فرسٽ جامي ڪمرشل اسٽريٽ، فيز VII ڊي ايڇ اي، ڪراچي. فون نمبر: 021-35317757

حيدرآباد آفيس: آفيس 1 بيسمينٽ ممتاز هائٽس نيئر حيدر چوڪ گاڏي کاتو حيدرآباد. فون نمبر 022-2781913

پبلشر افشان عاطف بتول پرنٽنگ پريس ڪوڪر محلا حيدرآباد مان ڇپرائي آفيس نمبر 1 بيسمينٽ ممتاز هائٽس گاڏي کاتا حيدرآباد مان پڌري ڪئي.

اداريو ۽ راءِ

پرڏيهي فنڊنگ ڪيس ۽ سياسي تاريخ جا سوال ؟

خان آف قلات تنهن وقت وارين حالتن تي شاندار ڪتاب لکيو آهي، جيڪو تمام خطرناڪ تاريخ تي ٻڌل آهي. پرڏيهي فنڊنگ ڪيس ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان تي لاڳو ٿيو ته اهڙي سخت الزام ۽ آپريشن دوران لاهور شاهي قلعي ۾ ڪامريڊ حسن ناصر شهيد ڪيو ويو هو. اهو لڳ ڀڳ 1960ع جو زمانو آهي. پرڏيهي فنڊنگ جو ٻيو اهم الزام نيشنل عوامي پارٽي جي قيادت تي لڳو ستر جي زماني جي ڳالهہ آهي، جڏهن ڪي پي ڪي ۽ بلوچستان ۾ نيشنل عوامي پارٽي جي سياسي اتحادي صوبائي حڪومت هئي. تنهن تاريخ جو مشهور ڪيس حيدرآباد سازش ڪيس طور تاريخ ۾ ياد ڪيو وڃي ٿو. ميرغوث بخش بزنجو، عطاءالله مينگل، خان عبدالولي خان، برڪ قانوندان عزيزالله شيخ سميت اڳواڻ اهو ڪيس ڀوڳڻ وارن ۾ شامل هئا. بئريسٽر عزيزالله شيخ نوي جي ڏهاڪي ڪان پوءِ محترمہ بينظير ڀٽو سميت اهم پارٽي اڳواڻن جي خلاف ڪيترن ڪيسن ۾ پيروي ڪندڙ ناميارو وڪيل رهيو آهي (20 جولاءِ سال 2007ع تي لاڏاڻو ڪري ويو.) اليڪشن ڪميشن ۾ پي ٽي آءِ جي باني اڳواڻ اڪبر ايس بابر جو پرڏيهي فنڊنگ ڪيس اهڙي تاريخي تسلسل ۾ تمام اهم ڪيس آهي. اليڪشن ڪميشن خبر ناهي ڇو هن ڪيس ۾ ايتري دير ڪئي آهي

سياسي سرپاٽ به عجيب پيا اچن ته پ پ پ جي ڪراچي ڪان اسلام آباد واري عوامي مارچ جو قافلو منزل ويجهو پهتو آهي. ساڳئي وقت دوران سنڌ ۾ پ پ پ مخالف پي ٽي آءِ جو اهم اڳواڻ مخدوم شاهہ محمود قريشيءَ جي سرواڻيءَ ۾ 'حقوق سنڌ' قافلو ڪمو شهيد ڪان سموري سنڌ ۾ بقول سنڌن سياسي بيان جي ته زرداري ليگ خلاف عوامي مهم هلائيندي ڪراچيءَ ۾ پڄائي تي پهتو آهي ۽ اهڙي ماحول ۾ پاڪستان جي جمهوري سفر جي سيلاني سفير پ پ پ جي هالوڪي سربراهہ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداريءَ جو خيال آهي ته "عمران خان تي جيترو سياسي دٻاءُ پوندو، اوترو ئي هو سخت کان سخت ۽ چڙ واري لهجي ۾ ڳالهائيندو" تحريڪ عدم اعتماد بابت بيانن جو سلسلو ٻنهي طرفن کان جاري آهي پر اليڪشن ڪميشن ۾ پي ٽي آءِ جي باني هڪ اڳواڻ اڪبر ايس بابر جو پرڏيهي فنڊنگ ڪيس هلندڙ آهي. چوڻ وارا چون پيا ته جيڪڏهن انهيءَ سلسلي ۾ رڳو ڪو فيصلو آيو ته ڪيترن جا ڪم لهي ويندا. 2 مارچ تي اڪبر ايس بابر حتمي رپورٽ اليڪشن ڪميشن ۾ جمع ڪرائي ڇڏي آهي. جنهن ۾ هن جو چوڻ آهي ته پي ٽي آءِ جا سال 2013ع وارين چوندن وقت پي ٽي آءِ وٽ 50 بئنڪ اڪائونٽس آهن. پاڪستان جي سياسي تاريخ ۾ پرڏيهي فنڊنگ الزام عجيب انداز جو طرح طرح سان مختلف دورن ۾ مختلف پارٽين تي لڳندو رهيو آهي. 1955ع ڌاري ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان تي بين الزامن سان گڏ بندش لاڳو ڪرڻ لاءِ اهو ساڳيو الزام لڳو هو. 8 مارچ 1948ع تي ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان جو پهريون تاسيس جو ڏڻ آهي. ان کان اڳ ڪميونسٽ پارٽي آف انڊيا گڏيل پارٽي هئي. 5 کان 7 مارچ تائين پاڪستان لاءِ ڌار ڪميونسٽ پارٽيءَ جو قيام عمل ۾ آيو (ان کان اڳ ڪامريڊ سوڀوگيانچندائي هتي برڪ ڪميونسٽ اڳواڻ طور تحريڪن جي سرواڻي، برطانوي سامراجي انگريزن جي دور ۾ ڪامريڊ سوڀوگيانچندائي جي اڳوائي ۾ ساموندي جهازن جي هڙتال مشهور آهي.) ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان جو پهريون سيڪريٽري جنرل سيد سجاد ظهير ٿيو حيرانيءَ جهڙي ڳالهہ اها به آهي ته هن کي جبري طور واپس ڀارت ان وقت وڃڻو پيو. جڏهن سڪندر مرزا نواب آف ڀوپال کي (جيڪو ان وقت ڀارت ۾ هو) پاڪستان جو وزيراعظم بنائڻ پيو چاهي. خان آف قلات تنهن وقت وارين حالتن تي شاندار ڪتاب لکيو آهي، جيڪو تمام خطرناڪ تاريخ تي ٻڌل آهي.

پرڏيهي فنڊنگ ڪيس ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان تي لاڳو ٿيو ته اهڙي سخت الزام ۽ آپريشن دوران لاهور شاهي قلعي ۾ ڪامريڊ حسن ناصر شهيد ڪيو ويو هو. اهو لڳ ڀڳ 1960ع جو زمانو آهي. پرڏيهي فنڊنگ جو ٻيو اهم الزام نيشنل عوامي پارٽي جي قيادت تي لڳو ستر جي زماني جي ڳالهہ آهي. جڏهن ڪي پي ڪي ۽ بلوچستان ۾ نيشنل عوامي پارٽي جي سياسي اتحادي صوبائي حڪومت هئي. تنهن تاريخ جو مشهور ڪيس حيدرآباد سازش ڪيس طور تاريخ ۾ ياد ڪيو وڃي ٿو. ميرغوث بخش بزنجو عطاءالله مينگل، خان عبدالولي خان. برڪ قانوندان عزيزالله شيخ سميت اڳواڻ اهو ڪيس ڀوڳڻ وارن ۾ شامل هئا. بئريسٽر عزيزالله شيخ نوي جي ڏهاڪي کان پوءِ محترمہ بينظير ڀٽو سميت اهم پارٽي اڳواڻن جي خلاف ڪيترن ڪيسن ۾ پيروي ڪندڙ ناميارو وڪيل رهيو آهي (20 جولاءِ سال 2007ع تي لاڏاڻو ڪري ويو) اليڪشن ڪميشن ۾ پي ٽي آءِ جي باني اڳواڻ اڪبر ايس بابر جو پرڏيهي فنڊنگ ڪيس اهڙي تاريخي تسلسل ۾ تمام اهم ڪيس آهي. اليڪشن ڪميشن خبر ناهي ڇو هن ڪيس ۾ ايتري دير ڪئي آهي؟ اهو به اهم سوال آهي. ڇو ته هڪ طرف اهو اليڪشن ڪميشن ۾ پي ٽي آءِ جي باني اڳواڻ اڪبر ايس بابر جو پرڏيهي فنڊنگ ڪيس الزام آهي ته ٻئي طرف وقت جو وزيراعظم عمران خان وفاقي حڪومت جو سربراهہ آهي. پي ڊي ايم سربراهہ مولانا فضل الرحمان ته وقت جي وزيراعظم تي پيا به ڪوڙ سارا طرح طرح جا الزام لڳائي ٿو پر اليڪشن ڪميشن ۾ پي ٽي آءِ جي باني اڳواڻ اڪبر ايس بابر جو پرڏيهي فنڊنگ ڪيس جا الزام تمام اهم آهي. هن اليڪشن ڪميشن ۾ پي ٽي آءِ جو باني هڪ اڳواڻ اڪبر ايس بابر جو پرڏيهي فنڊنگ الزام ڪان اڳ پ پ پ تي پڻ اهڙي قسم جا الزم لڳندا رهيا آهن. تنهن وقت جي وزيراعظم محترمہ بينظير ڀٽو خلاف صدر مملڪت غلام اسحاق خان ڪان سردار فاروق لغاريءَ تائين پي ٽي وي نشرياتي خطاب، جنهن ۾ پ پ حڪومت کي ختم ڪرڻ جا سبب ٻڌايا وڃن ٿا. انهن ۾ سخت کان سخت الزام لڳندا رهندا آهن. ٻيو ته ڇڏيو رڳو پرويز مشرف جي آخري دور حڪمرانيءَ واري سال 2007ع دوران جيڪي آڪٽوبر جي پهرين هفتي محترمہ بينظير ڀٽو خلاف سرڪاري طور (ق) ليگ نالي جيڪي اشتهار پڌرا ڪري اخبارن ۽ ميڊيا کي ڏنا ويا/ هلرايا ويا هئا. اهي به سخت کان سخت الزام هئا. پلي ڪير سرڪاري طور وفاقي اطلاعات کاتي (پي آءِ ڊي) جي تاريخ ڏسي سگهي ٿو جڏهن ماضيءَ ۾ سينيٽر شيري رحمان وفاقي وزير اطلاعات هئي. تڏهن اهو تمام وڏو قدو هليو هو ته انهن اشتهارن جي رقم ادا ڪئي وڃي. تڏهن پ پ جي حڪومت اهو موقف رکيو هو ته محترمہ بينظير ڀٽو خلاف هلايل اشتهارن جي رقم اسان ڇو ادا ڪيون؟ پرڏيهي فنڊنگ جا سياسي پارٽين تي جيڪي ماضيءَ ۾ الزام لڳا آهن انهن ۾ هڪڙو ٻيو اهم ڪيس به شامل آهي. تنهن ڪيس جو نالو "جام ساقي بغاوت ڪيس" آهي. جڏهن ته پرڏيهي فنڊنگ جي سلسلي ۾ تمام وڏو داغ جو ڌبو بدنام زمانہ پاناما اسڪينڊل به تاريخ ۾ ڳڻائي سگهجي ٿو

عبداش پنهور

تازو ئي سوئز اسڪينڊل به ميڊيا رڪارڊ تي آيو آهي. تالا ڏسڻ سان ڏنديون آڱريون اچي وڃن ٿيون. هڪ شخص اختر عبدالرحمان جي ٽن پٽن جا سوئز بينڪ کاتا اٽڪل 36 ارب ڊالر رقم جو انگ ڏسڻ ۽ حاصل رقم جو سبب ته ڪٿان اها رقم ۽ ڪهڙي طرح سان اتهن کاتن ۾ پهتي. اهو پرڏيهي ميڊيا جي سلسلي ۾ ٽڪور الزام آهي. خبر ناهي ته سچ ڇا آهي؟ اڪبر ايس بابر جو پرڏيهي فنڊنگ ڪيس ۾ جيڪو الزام آهي، انهيءَ سلسلي ۾ جڏهن حتمي فيصلو سامهون ايندو ته 22 ڪروڙ عوام کي اصل حڪمراني جي طريقت معلوم ٿي پوندي. ساڳئي وقت واڳيل ادارن پاران اهڙي قسم جي حساس ڪيسن جي ڪيفيت جو سوال اهم آهي. ڇو ته بندش پيل تنظيمن جي حوالي سان به پرڏيهي فنڊنگ جا الزام شامل هوندا آهن. تنهن ڪري پرويز مشرف واري دور کان پوءِ نہ رڳو اين جي اوز پر مدرسن جي چڪاسي جي نظام جي سلسلي ۾ سوال سامهون آيا هئا. ڇو ته هڪڙي عالمي خابرو اداري اها رپورٽ پڌري ڪئي هئي ته پاڪستان ڏهڻ وقت سموري ٽنڊي ڪنڊ ۾ رڳو 35 مدرسا هئا. سن ستر تائين گڏيل پاڪستان ۾ اهو انگ وڌندو رهيو. سال 2008ع تائين اهو انگ وڌي 35 هزارن تائين پهتو آهي. وفاق، مدرسا اختيارين تي انهيءَ سلسلي ۾ نوان طور طريقا لاڳو ڪيا ته ڪهڙا مدرسا ڪهڙي فرقہ جي نمائندگي ڪهڙي انداز سان ڪري رهيا آهن. تنهن رپورٽ ۾ چيو ويو هو ته پرڏيهي فنڊنگ شامل رهي آهي، جنهن ۾ سعودي عرب جو نالو ورتو ويو هو. تحقيقات ڪندڙ ادارا انهيءَ سلسلي ۾ وفاقي گهرو وزارت وسيلي چنڊڇاڻ جو نئون سلسلو شروع ڪيو ته ڪهڙا ڪهڙا ملڪ اها فنڊنگ ڪن ٿا. جنهن ۾ ايران مصر، سعودي عرب، مسلم ملڪن سان گڏ دنيا جي مختلف ملڪن ۾ رهندڙ مسلم عالم سميت مالدار ماڻهن جي پڻ چنڊڇاڻ کي شامل ڪيو ويو. خاص طور تي ڊاڪٽر طاهرالقادري سميت اهم مذهبي اڳواڻ مولانا فضل الرحمان تائين انهيءَ چنڊڇاڻ جي لپيٽ ۾ اچي چڪا آهن. اڪبر ايس بابر جو پرڏيهي فنڊنگ ڪيس تنهن ڪري به فيصلي جي اهم انتظار ۾ آهي ته اصل خبر پئجي ته ڇا اهو رڳو الزام آهي يا انهيءَ ۾ ڪئي سچائي به شامل آهي؟

❋❋❋

عورت لاءِ اسان وٽ اڄ به سارو جڳ تغاري آهي!

سڄي دنيا ۾ اڄ 8 مارچ کي عورتن جو عالمي ڏينهن ڪري ملهايو پيو وڃي. انهيءَ ڏينهن جي حوالي سان ڪيترن ئي هنڌن تي ريليون، سيمينار ۽ ميڙاڪا ڪوٺايا ويندا آهن. جنهن ۾ عورتن جي ڪردار جي اهميت تي ڳالهايو ويندو آهي. جڏهن ته عورتن مٿان ٿيندڙ ظلم جي روڪٿام لاءِ رٿائون پيش ڪيون وينديون آهن. دنيا جي ٻين ڪيترن ئي ملڪن جيان پاڪستان ۾ پڻ اِن ڏينهن تي ڪيترين ئي تنظيمن متحرڪ نظر اينديون آهن ۽ اهو سلسلو گذريل ڪيترن ئي ورهين کان هلندو اچي پيو. پر گذريل چئن پنجن سالن کان اِن ڏينهن جي حوالي سان به الڳ الڳ رايا ڦٽندي ڏسڻ ۾ اچن پيا. هڪڙا اهي جيڪي عورتن جي حقن جي ڳالهہ ڪن ٿا ۽ اهي عورتن جي ريلين کي هٿائين ٿا. جڏهن ته ٻين ڪي اهڙين سرگرمين تي اعتراض آهن خاص ڪري جڏهن کان اُنهن ريلين ۾ 'ميرا جسم ميري مرضي' واري نعري کي عام ڪيو ويو. تڏهن کان ته رڳو مذهبي رجحان رکندڙ ماڻهو بلڪ علمي توڙي ادبي شخصيتون به انهيءَ نعري جي مخالفت ڪندي ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. عورتن جي عالمي ڏينهن جي پسمنظر کي ڏٺو وڃي ته اسان کي معلوم ٿئي ٿو ته امريڪا ۾ عورتن پنهنجي پگهارن جي مسئلن متعلق احتجاج ڪيو هو پر اُنهن جي اُن احتجاج کي گهوڙيسوار دستن جي ذريعي ڪچليو ويو. پوءِ 1908ع ۾ امريڪا جي سوشلسٽ پارٽيءَ عورتن جا مسئلا حل ڪرڻ جي لاءِ "وومين نيشنل ڪميشن" جوڙي ۽ اهڙي نموني وڏي جدوجهد کان پوءِ فيبروريءَ جي آخري تاريخن ۾ عورتن جو عالمي ڏينهن ملهائجڻ لڳو. جڏهن ته عورتن جو عالمي ڏينهن سڀ کان پهريان 28 فيبروري 1909ع ۾ امريڪا ۾ ملهايو ويو هو. ٻهرين عالمي عورت ڪانفرنس 1910ع ۾ ڪوپن هيگن ۾ منعقد ڪئي وئي. 8 مارچ 1913ع تي سڄي يورپ ۾ عورتن جون ريليون ڪڍيون ويون ۽ پروگرام منعقد ڪيا ويا هئا. هان ورهين کان 8 مارچ کي عالمي سطح تي عورتن جو ڏينهن ڪري ملهايو ويندو آهي. ڪيترن ئي ملڪن ۾ اُن ڏينهن تي عورت ورڪر موڪل به ڪنديون آهن. جيستائين عورت جي اهميت ۽ اُن جي ڪردار جو تعلق آهي ته اُن کان ڪنهن کي به انڪار نہ هجڻ گهرجي. عورت ڪنهن به سماج جو انتهائي اهم حصو آهي. بلڪ قومن جي ترقيءَ ۾ اُن جي ڪردار کي تمام گهڻي اهميت حاصل آهي. جنهن ڪري ئي اهو چيو ويندو آهي ته عورت پڙهي معنيٰ پورو گهر پڙهيو. هڪ پڙهيل لکيل ماءُ جو پنهنجي اولاد جي مستقبل سنوارڻ ۾ تمام وڏو هٿ هوندو آهي. اينترو ئي نہ پر عورت سماج توڙي قومن جي تقدير سنوارڻ ۾ به ڀرپور ڪردار ادا ڪندي آهي. جنهن ڪري سڌريل سماج عورت جي اهميت کان بخوبي واقف هوندا آهن. پر اسان جهڙا پٺتي پيل سماج عورت کي اڄ به ٻانهي يا غلام کان وڌيڪ درجو ڏيڻ لاءِ تيار ناهن. عورت کي نہ تہ پسند جي شاديءَ جو حق آهي. نہ وري اُها پنهنجي مرضيءَ سان پڙهي يا نوڪري ڪري سگهي ٿي. شهرن ۾ تہ وري به ڪنهن حد تائين سماج عورت جي اهميت کي قبولي ورتو آهي. پر ٻهراڙين ۾ اڄ سوڌو عورت کي ٻانهي تصور ڪيو وڃي ٿو. اُها ئي عورت جيڪڏهن سڄو سال ٻني ٻاري تي پنهنجي ور. ڏيريا پُٽن سان ڪم ڪندي رهي ٿي تہ اُن کي ٻٽئي مهل اُيتري بہ اُميد ناهي هوندي تہ اُها اُن مان پنهنجي مرضيءَ سان جهول ڀري ڪٽي سگهي. اُن کي اِهو بہ اختيار ناهي هوندو تہ اُها گهر جي فيصلن ۾ پنهنجي راءِ جو اظهار ڪري سگهي. مطلب تہ اسان وٽ عورت کي اڄ تائين مڪمل انسان واري حيثيت ئي ناهي ملي سگهي. اڄ بہ سنڌ ۾ نياڻين جي تعليم حاصل ڪرڻ تي گهر جا وڏا پنهنجي پڳ جا وڙ کلندي محسوس ڪندا آهن. اُنهن لاءِ نياڻيءَ جي تعليم طعنو ۽ ٺٺولي مثل آهي. ٻئي طرف جهيڙي جهٽي يا جرڳي ۾ ڏنڊ چٽيءَ ۾ عورت کي ئي ذڪر بڻائي وڪيو وڃي ٿو. سچ اهو آهي تہ عورت جي سوچ کي محدود ڪيو ويو آهي. اُها ڪئي ٻارن جي سار سنڀال کي پنهنجي ڪُل حاصلات سمجهي ٿي تہ ڪٿي ٻئر ووشيندي اُن جي زندگي گذري وڃي ٿي. اهڙي صورت ۾ پوري سماج جي اِها ذميواري بڻجي ٿي تہ عورتن کي اڳتي اچڻ لاءِ، ملڪي، سماج ۽ قوم جي ترقيءَ لاءِ هٿيايو وڃي. عورت جيڪڏهن ٽوپيون ٺاڪي، رليون سبي، چيڻا ٺٿي پنهنجي ٻارڙن جو پيٽ گذر ڪرڻ تي مجبور ڪئي وڃي ٿي تہ پوءِ اُن کي بهتر روزگار جا موقعا بہ ڏيڻ گهرجن. اُن کي تعليم جي وسعتن ڪان بہ روشناس ڪرائڻ گهرجي. اِئين ئي اسين هن سماج کي بهتريءَ طرف وٺي وڃي سگهون ٿا. اُن لاءِ ضروري آهي تہ عورتن جي عالمي ڏينهن جي اهميت کي سمجهندي اُن کي ڪنهن منفي مشغلي ۾ تڪراري بڻائڻ بجاءِ تعميري راهہ تي وٺي وڃڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي. جيڪڏهن اِئين نہ ڪيو ويو تہ پوءِ اختلاف رکندڙن جو رويو وڌيڪ سخت ٿي سگهي ٿو

روس _ يوڪرين جي جنگ

خليل احمد

پاڪستان جي 77 سالہ تاريخ گواهہ آهي تہ اسان جي جنهن بہ حڪمران امريڪا سان ٽڪر کاڌو يا اُن کي ناراض ڪيو. اهو يا تہ حياتي وڃائي ويٺو يا اقتدار کان محروم ٿي ويو. اُن فهرست ۾ سڀ کان پهرئين وزيراعظم لياقت علي خان جو نالو اچي ٿو. جنهن امريڪا سان اختلاف ڪيو. اُن جي شهادت سان باهہ ٿڌي ٿي. پوءِ جنرل ايوب خان 'فرينڊز نات ماسترز' نالي ڪتاب لکرايو جلد ئي کيس اقتدار تان لاٿو ويو. پوءِ يحيٰ خان جي هٿان ملڪ کي بہ اڌ ڪرايو ويو. پهرئين ڏينهن کان هي اسلامي رياست عالمي طاقتن کي برداشت نہ هئي. امريڪا ظاهري طور پاڪستان کي امداد ڏيندو رهيو ۽ اُن تي ڪڙي نظر بہ رکندو رهيو. خاص طور تي جڏهن اسان خفيہ فريعن کان پنهنجي ائٽمي توانائي حاصل ڪئي. جيڪا اُن وقت تائين ڀارت سميت تمام مغربي ملڪن پنهنجي پنهنجي ملڪ جي حفاظت جي لاءِ حاصل ڪري چُڪا هئا. اُن ۾ امريڪا جا سڀ کان وڏا حريف روس ۽ چائنا بہ شامل هئا. اُنهن تي ڪو اعتراض بہ نہ ڪيو ويو پر پاڪستان تي پابنديون بہ لڳايون ويون جيڪي اڄ تائين جاري آهن. هن حقيقت جي باوجود اڳوڻي صدر پرويز مشرف ۽ جنرل ضياءُ الحق افغان جنگ ۾ ڀهرين روس کي افغانستان مان ڪڍڻ ۾ ڀرپور ساٿ ڏنو پوءِ طالبان حڪومت جو خاتمو بہ امريڪا جي هٿان ٿيو. جنهن ۾ آخري دم تائين پاڪستان هُنن جي جنگ هرويرو وڙهندو رهيو ايستائين جو پاڻ طالبانن 20 سالن جي جدوجهد ڪري امريڪا کي افغانستان مان ٻاهر ڪڍيو. جنهن جي بدلي ۾ امريڪا افغانستان جا فنڊز منجمد ڪري رکيا آهن ۽ هاڻ افغان طالبان پنهنجي عوام کي کائڻ پيئڻ جون شيون فراهم ڪرڻ کان بہ قاصر آهن. جيتوڻيڪ پاڪستان افغان ڀائرن جي امداد بحال رکي. جيڪا امريڪا کي پسند نہ آهي. اتفاق سان موجوده وزيراعظم عمران خان جو روس وارو دورو جيڪو ڀهرين ئي طئي ٿيل هو. جنهن ڏينهن هو روسي صدر ولادي مير پيوٽن سان ملڻ پهتو تہ هفتو ڀهرين کان روس ۽ يوڪرين تڪرار ۾ اضافو ٿيو ۽ روس يوڪرين سان جنگ شروع ڪري ڇڏي. جڏهن تہ سرحد تي ٻنهي ملڪن جا فوجي ڪيترن ئي هفتن کان جمع هئا پر روس دنيا کي اهو چئي رهيو هو تہ اسان جنگ نہ ڪنداسين. اُن جي اُبتڙ امريڪي صدر جوبائيڊن هڪ مهينو ڀهرين دنيا کي خبردار ڪري ڇڏيو هو تہ روس يوڪرين تي حملي جي پوري تياري ڪري چُڪو آهي ۽ اهي سمجهي چُڪا آهن تہ اهو حملو ناگزير آهي ۽ هر صورت ۾ روس حملو ڪندو جنهن جي تائيد ۾ جرمني، فرانس پيش پيش هئا ۽ نيٽو بہ تائيد ڪندي چيو تہ سپئي طاقتون روس جي خلاف ڪارروائي ڪنديون. امريڪا تہ اهو بہ چئي ڇڏيو هو تہ جيڪڏهن يوڪرين تي حملو ٿيو تہ امريڪا خاموش نہ ويهندو ۽ يوڪرين جي سلامتيءَ کي نقصان نہ پهچڻ ڏيندو. جهڙي طرح 1971ع ۾ انهيءَ امريڪا پاڪستان کي ڇهين بحري ٻيڙي کان آگاهہ ڪري ڇڏيو هو تہ جيڪڏهن ڀارت، پاڪستان تي جنگ مسلط ڪئي تہ امريڪا پنهنجي ڇهين بحري ٻيڙي سان پاڪستان جي مدد ڪندو. پر اڄ تائين اُن ڇهين بحري ٻيڙي جو ڪو بہ پتو نہ پئجي سگهيو آهي، تہ اهو آهي ڪٿي؟ ۽ يوڪرين سان بہ ائين ئي ٿيو. يوڪريني فوج ۽ عوام امريڪا جي يقين ڏيارڻ تي اعتبار ڪري ويٺا ۽ جڏهن روسي فوج چئني پاسن کان يوڪرين ۾ داخل ٿي تہ صرف زباني لفظ چئي يوڪرين کي مطمئن ڪيو ويو. 8 ڏينهن گذري چُڪا آهن. هڪ جهاز يا هڪ فوجي يوڪرين ۾ روس جي خلاف استعمال ناهي ٿيو. ڇو تہ روس ڪليل ڌمڪي ڏني هئي تہ جيڪڏهن ڪنهن يوڪرين ۽ روس جي وچ ۾ جاري جنگ ۾ مداخلت ڪئي تہ پوري دنيا اُن جي لپيٽ ۾ اچي ويندي. تنهن ڪري صرف لفظي جنگ جاري آهي. ڪجهہ قراردادون يو اين او ۾ ۽ Sanctionsتائين معاملو محدود آهي. اسان جي وزيراعظم امريڪا کي اهو چئي خاموش ڪري ڇڏيو آهي تہ اسان امريڪا جي جنگ ۾ شامل ٿتا ٿي سگهون. البتہ امن امان جي حالتن ۾ اُن سان گڏ آهيون. جنهن تان امريڪا چڙي پيو آهي. خاص طور تي جڏهن چين ۽ ڀارت وانگر پاڪستان بہ يو اين جي قرارداد ۾ شامل نہ ٿيو تہ امريڪا تمام گهڻو ناراض ٿي ويو ۽ ڀهرين کان پاڪستان جون اپوزيشن پارٽيون جيڪي عمران خان جي خلاف 3 مهينن کان مورچا لڳائي ويٺيون هيون. تحريڪ عدم اعتماد جي قرارداد پيش ڪرڻ ۾ متحرڪ ٿي ويون ۽ بقول فواد چوڌري جي تہ اسان اهي افواهہ هڪ سال کان ٻڌي رهيا آهيون. اپوزيشن جيڪڏهن متحد ٿئي بہ ها تہ اُنهن وٽ پورا انگ اکر نہ آهن. جڏهن تہ اپوزيشن وارا پي ٽي آءِ جي 24 باغي ميمبرن طرف اشارو ڪندي پنهنجا انگ پي ٽي آءِ کان بہ وڌيڪ ٻڌائي رهيا آهن. اهي دعوائون پي ڊي ايم وارا ڀهرين بہ ڪندا رهيا آهن پر هميشہ ناڪام ٿيا آهن. قدرت جو انصاف تہ ڏسو عراق جنگ ۾ نيٽو جي فوج ۾ اِهي يوڪريني فوجي مسلمانن جي خلاف جنگ ۾ وڌي چڙهي آمريڪي فوجين سان گڏ هزارين بيگناهہ مردن، عورتن ۽ ٻارن جي قتل عام ۾ شريڪ هئا ۽ فخر سان ٻڌائيندا هئا تہ اسان هيترا عراقي قتل ڪيا. بي حرمتيءَ جي واقعن ۾ بہ شريڪ هئا. اڄ اُنهن جي شهر ڪيف ۾ روس جي زبردست بمباري سان عمارتون تباهہ ٿي چُڪيون آهن. 3 وڏن شهرن مان مرد، عورتون ۽ ٻار لکن جي تعداد ۾ نقل مڪاني ڪري خندقن ۾ بي يارو مددگار پيا آهن ۽ ڪو بہ اُنهن کي هن تباهيءَ کان نہ پيو بچائي. 10 سال ڀهرين اهي يوڪريني سوچي بہ نٿي سگهيا تہ روس ڪجهہ ئي ڏينهن ۾ يوڪرين کي تباهہ ڪري ڇڏيندو

بقايا | ٭/آس/٭ | 01

ڳڙهه ٻشجي ويو پوليس اڳهور ننڍ سنڌل گڏريل رات چوري جون ٽي وارداتون پيش آيون جروار پوليس ڪر پوتو نه ٻاري سگهي خبرموجب گڏريل رات جروار ويجهو ڳوٺ يار محمد ٻوزدار مان اڪرم ٻوزدار جي گهر مان چورن ٻاران چار سولر پليٽون چوري ڪري فرار ٿي ويا جڏهن ته ٻي واردات جروار لڳ گهر پنهنجا ۽ ويلل فقير برادري جي جهوپڙي مان چورن ٻاران ٻڪري ڪاهي فرار ٿي ويا جڏهن ته ٽيون واقعو جروار لڳ حيات پتافي مان چور لياقت لولائي جون ٻه ٻڪريون رات چوري ڪري فرار ٿي ويا هڪ ٽي رات چوري جون ٽي وارداتون پيش آيون آهن جروار پوليس ڪو تحرڪ ناهي ورتو پرامن شهري نه پنهنجي گهرن ۾ محفوظ آهن نه ٿي گهر کان ٻاهر محفوظ آهن ڏينهن هجي يا رات ڌاڙا لڳڻ چوري ڪرڻ معمولي ڳالهه بڻجي وئي آهي چورن ٻاران گهرن ۾ گهري چادر ۽ چوديواري جو تقدس پئمال ڪندي چوهايو مال چوري ڪرڻ ۾ ڪا ڪثر نه ڇڏي آهي پر افسوس جروار پوليس ڪو پوتو نه ٻاري سگهي آهي جروار واسين ميڊيا اڳيان دانهيندي چيو ته اسين ايس ايس پي گهوٽڪي ۽ ڊي آئي جي سکر کي اپيل ڪريون ٿا ته خدارا جروار ٿاڻي تي بهترين ۽ ايڪٽو عملو مقرر ڪيو وڃي ته جئين چوري ۽ ڦرن جي وارداتن ۾ گهٽتائي اچي سگهي

بقايا | ٭/آس/٭ | 02

ڪنول جو ٻالڙن جي ظلم خلاف احتجاج اتصاف جي گهن خبر موجب سنڌ جي ناليواري فنڪار ممتاز ڪنول پريس ڪلب خيرپور پهچي اخبار وارن کي ٻڌايو ته ٻااثر جاگيردار علي شير ڌهوٽ، محمد علي ڌهوٽ، عادل ڌهوٽ ۽ ٻيا مون کي جڳهه خالي ڪرڻ لاءِ فيملي سميت موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن جنهن دان جوابدارن ڪجهه ڏينهن اڳ منهنجي ڌيءُ حنا کي گهر ٻاهران اغوا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي جنهن جو ڪيس بي سيڪشن ٿاڻي تي داخل ڪرايو هو هاڻي جاگيردار جڳهه خالي ڪرڻ ۽ ڪيس تان هٿ ڪڻڻ لاءِ ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن ...

ABC Certified DAILY AAS HYDERABAD

آس حيدرآباد روزاني

نمائندا گهرجن

روزاني آس حيدرآباد لاءِ سنڌ جي مختلف شهرن ۾ رپورٽر گهرجن.

خواهشمند هيٺ ڏنل نمبر تي رابطو ڪن.

رابطي لاءِ مخدوم ارسلان 03062259421

www.dailyaas.com.pk

سرحدواسين موج علي شاهه ۽ فياض دايو جي بازيابي لاءِ احتجاجي مظاهرو

مغوين جي بازيابي لاءِ وارثن ۽ سياسي سماجي ڌرين ايس ايس پي گهوٽڪي آفيس اڳيان احتجاج ڪري ڌرڻو هنيو، نعريبازي

مغوي شادي ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ موج علي شاهه ۽ فياض دايو سرحد کان ڪشمور طرف وڃي رهيا هئا ڪين اغوا ڪيو ويو: مظاهرين

نوٽيس وٺي مغوين کي جلد کان جلد بازياب ڪرايو وڃي ٻي صورت ۾ ڊي آئي جي سکر جي آفيس ٻاهريان ڌرڻو هنيو ويندو: چتاءُ

ميرپورماٿيلو (رپورٽ جاويد لاشاري) سرحد جي رهواسين موج علي شاهه ۽ فياض دايو جي بازيابي لاءِ وارثن ۽ سياسي سماجي ڌرين پاران ايس ايس پي گهوٽڪي آفيس اڳيان احتجاج، ڌرڻو، نعريبازي. خبر موجب سرحد جي رهواسين موج علي شاهه ۽ فياض دايو جي بازيابي لاءِ وارثن ۽ سياسي سماجي ڌرين پاران ايس ايس پي گهوٽڪي آفيس اڳيان احتجاج ڪري ڌرڻو هڻي نعريبازي ڪئي. وڌيڪ ان موقعي تي سيد لطيف شاهه ميان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

سرحد: موج علي شاهه ۽ فياض دايو جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

خيرپور: سيٺارجا ۾ ٽائون انتظاميا پاران ٻوٽا لڳائي ونڪاري جي مهم آغاز ڪيو پيو وڃي

سيٺارجا ۾ ٽائون انتظاميا پاران هزارين ٻوٽا لڳايا ويا

ٽائون آفيسر ساجد رڙ باقاعدي ٻوٽا لڳائڻ جي مهم جو آغاز ڪري ڇڏيو

ٻوٽا انسان توڙي جانورن جي لاءِ تمام فائديمند ۽ ماحول درست آهن: ساجد رڙ

خيرپور (ب) سيٺارجا ۾ ٽائون انتظاميا پاران هزارين ٻوٽا لڳايا ويا ٽائون آفيسر ساجد رڙ پاران باقاعدي ٻوٽا لڳائڻ جي مهم جو آغاز ڪيو ويو. تفصيل موجب سيٺارجا ٽائون ڪاميٽي پاران ٻوٽا لڳائڻ جي مهم جو باقاعدي آغاز ڪيو ويو آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

رائيپور: جشن نزول آمد امام حسين ع ۽ آمد شهنشاهه وفا غازي عباس علمدار جي شاندار تقريب

تقريب ۾ ذاڪر اهلبيت ظهير عباس تشنه خيرپور، قصيده خوان غلام شبير شيخ ۽ ٻين پڻ منقبت پڙهيا

امام حسين ع ۽ غازي عباس ع کي سلامي پيش، عقيدتمند مسلمان سني شيعا ڀائرن کي بهترين پيغام ڏنو

رائيپور (رپورٽر) جشن نزول آمد امام حسين ع ۽ آمد شهنشاهه وفا غازي عباس علمدار جي شاندار تقريب منعقد ٿي جنهن ۾ بين الاقوامي منقبت خوان ذاڪرن قصيدي خوان شعبان المعظم، ساداتن جي خوشين، آمد تي روشني وڌي ۽ اهلبيت جو ساڻ بيان، عرشي فرشي خوش آهن، اڄ نه ڪنهن جشن ملهايون ذاڪرين رپورٽ موجب پوري دنيا سميت سنڌ جي خوبصورت شهر رائيپور ۾ به جشن آمد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

رائيپور: جشن نزول آمد امام حسين ع ۽ آمد شهنشاهه وفا غازي عباس علمدار جي تقريب جو ڏيک

ميرپورخاص ۾ سي آءِ اي پوليس جي ڪارروائي، ٽيل ڪار برآمد، هڪ گرفتار

22 فيبروري تي 5 جوابدارن هٿيارن جي زور تي ڪامل ڪوسو کان ڪار ڦر ڪري فرار ٿي ويا هئا

هي هڪ صوبائي سطح جو ٽولو آهي جنهن جو اڳواڻ اختر علي گولو لاڙڪاڻو ۽ ٻيا آهن: پوليس

ميرپورخاص (شاهزيب خاصخيلي) ايس ايس پي ميرپورخاص ڪيپٽن ريٽائرڊ محمد اسد علي چوڌري جي هدايت تي سي آءِ اي پوليس جي ڪارروائي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

جرواڙ شهر بدامني جو ڳڙهه بڻجي ويو، پوليس اڳهوڙ ننڊ ستل

هڪ ئي چوري جون ٽي وارداتون پيش آيون، پوليس کو ٻوڙو نه ٻاري سگهي

بدامني جو نوٽيس وٺي ٿاڻي تي بهترين ۽ ايڪٽو عملو مقرر ڪيو وڃي: رهواسي

ميرپورماٿيلو (رپورٽ جاويد لاشاري) جرواڙ شهر بدامني جو /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 01

باٻهه ۾ حضرت پير مٺا سائين رح جو ٻه روزه سالياڻو عرس مبارڪ جون تياريون مڪمل

الله جي ڪامل ولي بزرگ هستين سموري زندگي عشق رسول الله ص ۾ وقف ڪري ڇڏي: محمد خليل الرحمان

نگر نگر، وسندي وسندي ۾ محبت رسول الله ص جو پيغام پهچائڻ جون ڪوششون ڪيون: ڳالهيون

لاڙڪاڻو/ باٻهه (نمائندي وٽان) حضرت پير مٺا سائين رح جو ٻه روزه سالياڻو عرس مبارڪ 8 ۽ 9 شعبان تي سندن جي مزار سامهون رحمت پور لاڙڪاڻو ۾ ملهايو ويندو. سالياني عرس جون تياريون مڪمل ڪيون ويون آهن. خبر موجب سنڌ جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

گهوٽڪي جي ويڪسينيشن سينٽرن تي مقرر ملازمن کي پگهارون نه ملي سگهيون

ڊيلي ويجز 600 روپين تي مقرر ملازم 4 مهينن کان پگهارن کان محروم بڻيل، اختيارين نوٽيس نه ورتو

ويڪسينيٽر ملازمن ڊي سي گهوٽڪي، ڊي ايڇ او گهوٽڪي کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو

ميرپورماٿيلو (رپورٽ جاويد لاشاري) گهوٽڪي ضلعي جي ويڪسينيشن سينٽرن تي مقرر ملازمن کي 4 مهينن کان پگهارون ناهن ملي سگهيون. گهوٽڪي ضلعي جي ويڪسينيشن سينٽرن تي مقرر ڊيلي ويجز 600 روپين تي ملازمن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

سنڌ جي خوشحالي جو ويزن صرف پي ايس پي وٽ آهي: شبير قائمخاني

پ پ جي 14 سالن جي حڪمراني ۾ سنڌ کي تباهي ۽ برباديءَ کانسواءِ ڪجهه ناهي ڏنو

سنڌ جي ماڻهن کي پيئڻ لاءِ پاڻي ناهي، گٽر نظام تباهه آهي، عوام پريشان آهي

نوشهروفيروز (ب ر) پاڪ سرزمين پارٽي سنڌ جي صدر ۽ اڳوڻي صوبائي وزير شبير قائمخاني چيو آهي ته پ پ جي 14 سالن جي حڪمراني ۾ سنڌ کي تباهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

نوشهروفيروز: پاڪ سرزمين پارٽي سنڌ جي صدر ۽ اڳوڻي صوبائي وزير شبير قائمخاني ميڊيا سان ڳالهائيندي

ٺلهار ۾ قلم ڌڻين پاران پيڪا آرڊيننس واري ڪاري قانون خلاف احتجاجي مظاهرو

رمضان ملاح، جاويد ڪٽي، منور لاشاري، عبدالرحمن شيخ، عبدالرزاق ڪٽي ۽ ٻين احتجاج ڪيو، نعريبازي

سنڌ صحافي سنگت پاران مذمت پي ٽي آئي جي ڪوريج ڪرڻ جو عوامي سٺ پاران ايوان ۾ پڻ بائيڪاٽ

وفاقي حڪومت اچڻ بعد قلم ڌڻين جي ڪا به مالڪي ناهي ٿي ويتر بيگناهه قتل ۽ گرفتاريون ٿين پيون: مظاهرين

ٺلهار (رپورٽر) پيڪا آرڊيننس واري ڪاري قانون خلاف عوامي پريس ڪلب ٺلهار جي سٺ پاران ايوان ۾ سخت احتجاج ڪيو ويو احتجاج ۾ نائب صدر محمد رمضان ملاح، جنرل سيڪريٽري جاويد ڪٽي، چيئرمين ورڪنگ ڪميٽي منور لاشاري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

سيوهڻ ۾ عورتن جي عالمي ڏهاڙي جي مناسبت سان تقريب منعقد

عورت ماءُ ڀيڻ ڌيءَ زال ڀاڄائي جي روپ ۾ خدا جو شاندار خوبصورت تخليق آهي: بدرالنساءِ

آقا دوجهان حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وآله وسلم عورتن کي بهترين حق ڏنا

سيوهڻ شريف (رپورٽ: حيدر علي بلوچ) سيوهڻ 8 مارچ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

ڪوٽڏيجي پرسان جانوري برادري جو پيرسن ۽ نوجوان تي حملو، مرٽينگ

حملي سبب پيرسن پيءُ غلام علي ڪلهوڙو ۽ نوجوان عمران علي سخت زخمي ٿي پيا

واقعي خلاف متاثر ڌر جو بااثرن خلاف احتجاج، نوٽيس وٺي انصاف ڏيارڻ جي گهر

ڪوٽڏيجي (رپورٽ منل گوپانگ) ڪوٽڏيجي ويجهو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

رائيپور ۾ عورتن جي عالمي ڏهاڙي تي پريس ڪلب لائيوسيشن ۾ سيمينار منعقد

عورتن مٿان ٿيندڙ ظلم تشدد حراسمينٽ جهڙن واقعن جي روڪ ٿام بابت سٽي پريس ڪلب لائيوسيشن ۾ بهترين سيمينار ٿي گذريو

جيڪڏهن هاڻي به عورت پنهنجي تحفظ لاءِ سجاڳ نه ٿي ته پوءِ ڊاڪٽر نوشين ڪاظمي، ڊاڪٽر نمرتا جيٺاڻي بنا مارجي وينديون: صنم راڄپر

جديد وقت آهي سوشل ميڊيا استعمال ڪيو ظالم پوتار جاگيردار ڪيترو به طاقتور هجي ٻران کي عورت جو احترام ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيون

رائيپور: عورتن جي عالمي ڏهاڙي تي پريس ڪلب لائيوسيشن ۾ سيمينار جو ڏيک

رائيپور (رپورٽر سيد زوار شاهه) عورتن جي عالمي ڏينهن جي حوالي سان سٽي پريس ڪلب لائيوسيشن ۾ سيمينار منعقد. عورت ماءُ، ڌيءُ، ڀيڻ ۽ زال سان گڏ زندگي جي سٺي ساٿي به آهي. عورتن مٿان ٿيندڙ ظلم ڪارو ڪاري جا بهتان حراسمينٽ جهڙا واقعا هاڻ بند ٿيڻ گهرجن. عورت مظلوم آهي عورت اڳواڻن جو تقريب کي پرتپاڪ خطاب رپورٽ موجب عورتن جي عالمي ڏينهن جي حوالي سان عورتن مٿان ٿيندڙ ظلم تشدد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

ٺل: شهيد الله بخش سومرو ڪالوني جي رهواسڻ

ٺل ۾ عورتن جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي به مظلوم امڙ سراپا احتجاج بڻيل

پٽ جي جوابدارن جي گرفتاري جي لاءِ احتجاج، جوابدارن جي گرفتاري جو مطالبو ڪري ڇڏيو

ڪيس ۾ ڪهڙيل جوابدارن کي گرفتار ڪري سزا ڏني وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاج جاري رهندو: امڙ

ٺل (رپورٽر) ٺل ۾ ڪالهه عورتن جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي پڻ ٺل جي مظلوم امڙ پڻ احتجاج بڻيل آهي. ٺل جي اي سيڪشن ٿاڻي جي حد شهيد الله بخش سومرو ڪالوني ۾ 8 سال اڳ قتل ٿيل پورهيت فيض محمد چنو جا جوابدار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

پي پي ايڇ آئي جي ريجنل ڊائريڪٽر جي غفلت سبب گهوٽڪي زبون حالي جو شڪار

اسپتالن جي مرمت دوائن ۽ پيٽرول جي مد ۾ جعلي بلنگ ذريعي ڪروڙين روپين جي ڪرپشن جو انڪشاف

سوين ورڪر ماهوار حصو پتي ڏيڻ سبب گهر ويٺي پگهارون کڻڻ لڳا، سڄاڻ ڌرين پاران نوٽيس وٺڻ جي گهر

ميرپورماٿيلو (رپورٽ جاويد لاشاري) پي پي ايڇ آئي جي ريجنل ڊائريڪٽر افضل ڪلراچي جي مجرمانه غفلت سبب گهوٽڪي ضلعي جون پنجاهه سيڪنڊ بيسڪ هيلٿ سينٽر اسپتالون زبون حالي جو شڪار ٿيڻ بعد مڪمل طور تي غيرفعال بڻيل هجڻ جو انڪشاف سوين ورڪر ماهوار حصو پتي ڏيڻ سبب گهر ويٺي پگهارون کڻن لڳا اسپتالن جي مرمت دوائن ۽ پيٽرول جي مد ۾ جعلي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

پي پي ايڇ آئي جي ريجنل ڊائريڪٽر جي غفلت سبب اسپتال زبون حالي جو ڏيک

سيوهڻ مان گم ٿيل پشاور واسي نوجوان جو 3 سال گذرڻ باوجود پتو نه پيو، وارث پريشان

سيوهڻ (رپورٽ: حيدر علي بلوچ) سيوهڻ مان گم ٿيل پشاور واسي نوجوان جو 3 سال گذرڻ باوجود پتو نه پيو ۽ پيا وارث پريشان. خبر موجب قلندر شهباز جي زيارت لاءِ سيوهڻ اچڻ بعد پراسرار نموني گم ٿيل پشاور واسي 35 ورهين جو نوجوان عبدالله ولد نياز محمد جو 3 سال /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

ڀهارو ٿاڻي جي حد ڳوٺ مجهد پرسان پورهيت کان ڦر جي ڪوشش

ڦاڙي نه روڪڻ تي فائرنگ، گوليون موٽر سائيڪل مان آرپار، ڀهارو ٿاڻي تي اين سي داخل

اطلاع مليو جاءِ واردات جو معائنو ڪري اين سي داخل ڪئي وئي آهي جاچ ڪريون پيا: پوليس

ڀهارو (رپورٽ خالد گلال) ڀهارو ٿاڻي جي حد ڳوٺ مجهد پرسان گذريل رات سومهڻي مهل پورهيت منظور ملاح ۽ فياض احمد ڪهڙو ڳوٺ طرف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

خيرپور ۾ ناليواري فنڪاره ممتاز ڪنول جو بااثرن جي ظلم خلاف احتجاج

بااثر جوابدار مون کي جڳهه خالي ڪرڻ لاءِ خاندان سميت موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن: ممتاز ڪنول

واقعي جو نوٽيس وٺي ڪيس ۾ نامزد جوابدارن کي گرفتار ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي: مطالبو

خيرپور (رپورٽ رانجهن شيخ) سنڌ جي ناليواري فنڪار ممتاز /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 02

نوابشاهه ۾ ڪتابن جي مطالعي جو شوق پيدا ڪرڻ لاءِ ٽن ڏينهن وارو ڪتابي ميلو لڳايو ويو

8 مارچ کان 10 مارچ تائين جاري رهندڙ ڪتابي ميلي ۾ سنڌ جي وڏن پبليشر ادارن پاران ڪتابن جا اسٽال لڳايا ويا

شاگردن کي گهرجي ته اهي نصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادب تاريخ ۽ ٻين موضوعن جا ڪتاب پڙهڻ گهرجن: ڪمشنر

ڪتابي ميلا لڳائڻ هڪ سٺو سنوڻ آهي نئين نسل کي مطالعي ڏانهن وڌيڪ ڌيان ڏيڻ گهرجي: رشيد احمد زرداري

نوابشاهه (رپورٽ راڄ ڪمار اوڏ) نوابشاهه ۾ قائم ٿيل شاگردن جي قديم ترين گورنمينٽ گرلز ڊگري ڪاليج ۾ مقرر ٿيل نئين پرنسپال لال رخ بلوچ پاران شاگردن ۾ نصابي ڪتابن کانسواءِ علم ادب آرٽ تاريخ سميت ٻين موضوعن جي ڪتابن جي مطالعي /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 05

نوابشاهه: ڪتابن جي مطالعي جو شوق پيدا ڪرڻ لاءِ ٽن ڏينهن وارو ڪتابي ميلي جو ڏيک

خيرپور ۾ بي سيڪشن ٿاڻي جي حد مان چورن ۽ ڦرن جون وارداتون رڪجي نه سگهيون، علائقي واسين جو احتجاج

خيرپور (رپورٽ رانجهن شيخ) بي سيڪشن ٿاڻي جي حد نوتاري محلي جي رهواسين ناصر صديقي، جمل احمد صديقي، شاهد حسين لطيف نارېجو ۽ ٻين احتجاجي مظاهرو ڪندي اخبار وارن کي ٻڌايو ته ٿي ڏينهن اڳ نامعلوم چور اسان جي دڪان جا تالا ڀڃي موبائيل فون، بيٽري ۽ روڪ رقم، آساني سان چوري ڪري فرار ٿي ويا /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 09

نوشهروفيروز سول اسپتال ۾ سهولتن جي کوٽ خلاف احتجاج

ڊاڪٽر عبدالقدير ميمڻ، ستار ميمڻ، شوڪت پوهيو ايڊووڪيٽ، ابرار چانڊيو وڪيل ۽ ٻين احتجاج ڪيو

سول اسپتال کي اجا تائين ضلع هيڊڪوارٽر جي بجيٽ ناهي ملي شهري بنيادي سهولتن کان وانجهيل آهن: اڳواڻ

سول اسپتال ۾ علاج جون بنيادي سهولتون فراهم ڪيون وڃن ٻيءَ صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو

نوشهروفيروز (ب ر) سول اسپتال نوشهروفيروز ۾ علاج جي بنيادي سهولتن جي کوٽ خلاف شهرين پاران احتجاج ڪيو ويو شهرين پريس ڪلب نوشهروفيروز آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري بعد ڌرڻو هنيو ان موقعي تي ڊاڪٽر عبدالقدير ميمڻ /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 11

ٻارڙن سان ٿيندڙ ناانصافين کي روڪڻ لاءِ اسان سڀني جو گڏجڻ ضروري آهي: بخش علي مهر

ڊائريڪٽر جنرل چائلڊ پروٽيڪشن اٿارٽي ۽ انچارج ڊائريڪٽر جنرل سوشل ويلفيئر ڪاٿو پروٽيڪشن يونٽ جو دورو ڪيو

اجان وڌيڪ ڪم جي ضرورت آهي انهي کان علاوه سماج ۾ چائلڊ پروٽيڪشن بابت آگاهي فراهم ڪرڻ جي سخت ضرورت آهي

مختلف يونٽن جو اڄ تو دوري جو مقصد چائلڊ پروٽيڪشن لاءِ آفيسرن کي ڏنل ذميواري کي چيڪ ڪرڻ آهي: دوري دوران ڳالهيون

ميرپورخاص (شاهزيب خاصخيلي) ڊائريڪٽر جنرل چائلڊ پروٽيڪشن اٿارٽي ۽ انچارج ڊائريڪٽر جنرل سوشل ويلفيئر ڪاٿو سنڌ بخش علي مهر چيو آهي ته ٻارڙن سان ٿيندڙ ناانصافين کي روڪڻ لاءِ اسان سڀني جو گڏجڻ انتهائي ضروري آهي. انهن خيالن جو اظهار انهن اڄ چائلڊ پروٽيڪشن يونٽ ميرپورخاص جو اڄ تو /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 15

ميرپورخاص: ڊائريڪٽر جنرل چائلڊ پروٽيڪشن اٿارٽي بخش علي مهر چائلڊ پروٽيڪشن يونٽ ميرپورخاص جو اوچتو دورو ڪندي

ميهڙ ۾ ريٽائرڊ پوليس انسپيڪٽر پاران پٽ جي زيادتين خلاف احتجاج

منهنجو پٽ علي رضا شاهه پنهنجن غنڊن سان گڏ منهنجي 6 جريب زمين تي قبضو ڪيو آهي: طالب شاهه

نوٽيس وٺي منهنجي نافرمان پٽ خلاف فوري نوٽيس وٺي مونکي انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي: مطالبو

ميهڙ (رپورٽر) اياز ڪالوني ميهڙ جي رهواسي ريٽائرڊ انسپيڪٽر سيد طالب علي شاهه ميهڙ پريس ڪلب پهچي پنهنجي پٽ علي رضا شاهه جي زيادتين /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 16

ميهڙ: ريٽائرڊ پوليس انسپيڪٽر پاران پٽ جي زيادتين خلاف احتجاج ڪندي

33 برانچن جي سليڪشن جو عمل مڪمل ٿي ويو آهي: طاهر اقبال احمد سهتو

حلف برداري لاءِ مرشد سجڻ سائين بتاريخ 20 مارچ ڪميونٽي هال ڪنڊيارو ۾ منعقد ڪيو ويو آهي

برانچن جي عهديدارن کان حلف پڻ ڪٺايو ويندو ان سلسلي ۾ دعوت ڏيڻ جو سلسلو شروع ڪيو ويو آهي

ڪنڊيارو (رپورٽ غلام نبي مگرين) ڪنڊيارو جماعت اصلاح المسلمين ضلع نوشهروفيروز زون جي صدر خليفه رڪيوجد طاهر مظفر علي قائمخاني پريس سيڪريٽري طاهر اقبال احمد سهتو پنهنجي پريس رليز ۾ ٻڌايو ته محبوب مرشدن /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 20

لاڙڪاڻي ۽ ڳوٺاڻي پنهنجي معصوم ٻارڙن سان بڻجڪ عملدارن خلاف احتجاج

لاڙڪاڻو (بيورو) لاڙڪاڻي ۽ تعلقي باقراڻي جي ڳوٺ حسين آباد جي رهواسي ڳوٺاڻي پنهنجي معصوم ٻارڙن سان گڏجي زرعي ترقياتي بئنڪ ڏوڪري /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 04

خيرپور ۾ آپڪا پاران ضلعي صدر فهيم علي خيسائي ۽ جنرل سيڪريٽري غلام فريد قليو مقرر

آل پاڪستان ڪلارڪس ايسوسيئيشن سنڌ جي صدر مقبول حسين مهر هڪ نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو

ڪلارڪس ايسوسيئيشن خيرپور ۾ ڪنهن به دوست سان ناچاڙي ٿيڻ نه ڏينداسين: فهيم علي / غلام فريد

خيرپور (ب) آل پاڪستان ڪلارڪس ايسوسيئيشن سنڌ جي صدر مقبول حسين مهر هڪ نوٽيفڪيشن جاري ڪندي ڪلارڪس ايسوسيئيشن /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 06

پنوعاقل ۾ احساس سينٽر تي مسڪينن جي امدادي پئسن مان ڪٽوتي جاري

احساس پروگرام جو اسسٽنٽ ڊائريڪٽر پنهنجي آفيس تائين محدود، ايجنٽن کي کليل ڇوٽ مليل

اسان ڪيترائي ڀيرا شڪايتون ڪيون آهن پر هن وقت تائين ڪو به تدارڪ نه ڪيو ويو آهي: عورتون

پنوعاقل (رپورٽ طفيل انصاب ڪوراڻي) پنوعاقل جي هاءِ اسڪول احساس سينٽر تي مسڪينن جي امدادي پئسن مان ڪٽوتي /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 08

منهنجي خلاف اجائي واويلا بند ٿيڻ گهرجي: سردار نظير خان

ڪجهه عناصر فيڪ آئي ڊيون ٺاهي مون خلاف نازيبا لفظ لکي ساک متاثر پيا ڪن

کي نقصان رسائيندڙن خلاف پيڪا آرڊيننس تحت، قانوني آئيني ڪارروائي ٿي سگهي

رائيپور (رپورٽر) سنڌ جي ٽالپوري چيف سردار نظير احمد خان جامڙو پنهنجي رهائش گاهه تي هنگامي پريس ڪانفرنس ڪندي صحافين سان /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 10

رائيپور: سنڌ جي ٽالپوري چيف سردار نظير احمد خان جامڙو پنهنجي رهائش گاهه تي هنگامي پريس ڪانفرنس ڪندي

مستحق عورتن لاءِ هاڻي وظيفو 14 هزار جاري ڪيو ويو آهي: ايس ايڇ او ٺلهار

مستحق عورت پنهنجي وظيفي جا پيسا بنا ڪٽوتي جي احساس سينٽر مان حاصل ڪري سگهندي

ڪٽوتي جي الزام هيٺ صدام پنهان ۽ رمضان پنهان کي ثبوتن سان پڪڙي ڪيس داخل ڪيو آهي

ٺلهار (رپورٽر) ٺلهار ۾ مستحق عورتن لاءِ هاڻي 12 يا 13 نه بلڪه حڪومت پاران 14 هزار معاوضو جاري ڪيو ويو هر مستحق عورت پنهنجي وظيفي جا پيسا بنا ڪٽوتي جي احساس سينٽر مان حاصل ڪري سگهنديون جيڪڏهن /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 14

سانگهڙ پرسان ڳوٺ ۾ هڪ روزا مفت طبي ڪئمپ قائم

مريضن جا مفت ۾ ڊجيٽل ايڪسري ۽ هيپاٽائيٽس جون ٽيسٽون ڪيون ويون

ٽي بي، ايڇ آءِ وي ۽ هيپاٽائيٽس مان خاتمو آڻڻ لاءِ ڪوشش ڪري رهيا آهيون: اڳواڻ

سانگهڙ (رپورٽ عبدالجبار نظاماڻي) ضلع هيلٿ ڊپارٽمينٽ ۽ برج ڪنسلٽنٽ فائونڊيشن سانگهڙ جي تعاون سان هڪ روزا مفت طبي ڪئمپ ڳوٺ افتخار ڪرنل ۾ ٿي گذري ڪئمپ ۾ مفت ڊجيٽل ايڪسري، مفت بلغم ٽيسٽ /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 17

سانگهڙ: ڳوٺ افتخار ڪرنل ۾ هڪ روزا مفت طبي ڪئمپ جو ڏيک

ڀهراڙي جي ماڻهن جي گذرسفر جو ذريعو مال متاع آهي: ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظير آباد

لائيو اسٽاڪ کاتي جا عملدار بيماري کي ڦهلجڻ کان روڪڻ لاءِ جلد ڪانٽجنسي پلان جوڙي ڊي سي آفيس ۾ جمع ڪرائين

جانورن ۾ ڇمڙي جي هي بيماري مک ۽ مڇر ذريعي وڌيڪ ڦهلجي ٿي، لوڪل گورنمينٽ ۽ ٽائون انتظاميه مڇر مار اسپري ڪرائي

جانورن ۾ ڇمڙي جي بيماري ليمپي جا ضلعي ۾ 250 کان وڌيڪ ڪيس رپورٽ ٿيا آهن متاثر جانورن جو علاج جاري آهي: خطاب

نوابشاهه (رپورٽ راڄ ڪمار اوڏ) ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظيرآباد عامر حسين پنهور جي صدارت هيٺ ضلعي اندر جانورن ۾ ڇمڙي جي بيماري ليمپي جي پکيڙ کي روڪڻ لاءِ هڪ اجلاس اڄ دربارهال ۾ ٿي گذريو اجلاس کي خطاب ڪندي ڊپٽي /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 03

نوابشاهه: ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظيرآباد عامر حسين پنهور اجلاس جي صدارت ڪندي

خيرپور پرسان پير مگيون لنڪ روڊ تان هٿياربند پورهيت کان ٽريڪٽر ڦر ڪري فرار ٿي ويا

خيرپور (ب) خيرپور پرسان پير مگيون لنڪ روڊ تان 5 نامعلوم هٿياربند هٿيارن جي زور تي پورهيت معشوق ڦلپوٽو کان ميسي ٽريڪٽر نمبر 240 ڦر ڪري آساني سان فرار ٿي ويا. پورهيت معشوق ڦلپوٽو رانجهو ڪرڻ ٿي ٻڌايو ته مان غلام حسين ڦلپوٽو جو ٽريڪٽر هاڪي پير مگيون لنڪ روڊ سان وڃي رهيو هيس ته 5 نامعلوم /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 07

ضلعي انتظاميه رانديڪن جي سرگرمين کي فروغ ڏئي رهي آهي: ڊپٽي ڪمشنر سانگهڙ

ڊپٽي ڪمشنر سورهيه بادشاهه اسٽيڊيم دورو، ٻوٽا لڳايا ۽ سورهيه بادشاهه اسٽيڊيم جو دورو ڪيو

اسٽيڊيم کي سنڌ اندر ماڊل گرائونڊ ۾ تبديل ڪيو ويندو ۽ ان گرائونڊ کي چوديواري پڻ ڏياري ويندي

هميشه رانديڪن جي سرگرمين ۾ ساٿ ڏنو آهي ۽ اڄ به اسٽيڊيم ۾ ٻوٽا لڳائي رهيا آهيون: ڊاڪٽر عمران الحسن

سانگهڙ (رپورٽ عبدالجبار نظاماڻي) ڊپٽي ڪمشنر ڊاڪٽر عمران الحسن خواجا سورهيه بادشاهه اسٽيڊيم ۾ ٻوٽا لڳايا ۽ سورهيه بادشاهه اسٽيڊيم جو دورو ڪيو ان موقعي تي سانگهڙ اسٽيڊيم جو انچارج عبدالرحمان خاصخيلي، ڊاڪٽر /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 12

ٽنڊو بولا خان ۾ جشن ولادت باسعادت حضرت غازي عباس ع جي مناسبت پروگرام

حضرت غازي عباس ع جي سچي زندگي امت مسلمه عالم انسانيت لاءِ مشعل راهه آهي: علامه حفيظ رضا قمي

پاڻ غازي عباس ع ڪربلا جي ميدان ۾ اسلام جي سربلندي لاءِ عظيم قرباني ڏيئي اسلام جو پرچم بلند ڪيو

حسين ع جي لشڪر جي علمداري جا فرض حضرت غازي ع سرانجام ڏنا پاڻ شهنشاهه وفا جو لقب ماڻيو: خطاب

ٽنڊو بولا خان: جشن ولادت باسعادت حضرت غازي عباس ع جي مناسبت ڪوٺايل پروگرام جو ڏيک

ٽنڊو بولا خان (رپورٽ: راشد نواز منگنهار) ٽنڊو احمد خان جي امام بارگاهن ۾ جشن ولادت باسعادت حضرت غازي عباس ع جي مناسبت پروگرام منعقد ڪئي سندس زندگي طيب تي روشني وڌي ويئي ٽنڊو احمد خان جي امام بارگاهه محمد يريل خاصخيلي زوار لال محمد خاصخيلي ۾ جشن ولادت باسعادت جون تقريبون /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 13

ميهڙ: سماجي اڳواڻ ڪامريڊ انور ملاح 152هين ڏينهن به احتجاج ڪندي

ميهڙ ۾ سماجي اڳواڻ ڪامريڊ انور ملاح پاران 152 هين ڏينهن به احتجاج جاري

بااثر مون کي ۽ منهنجي ڀاءُ کي مصطفيٰ ملاح ۽ ٻيا موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن: انور ملاح

پلاٽ تان قبضو فوري ختم ڪرائي اسان سان انصاف ڪيو وڃي نه ته پاڻ کي باهه ڏئي ساڙي ڇڏينداسين

ميهڙ (رپورٽر) حيدرآباد جي بااثر قبضا مافيا پاران پلاٽ تي قبضي خلاف راڄ واسي ڪامريڊ انور ملاح 152 ڏينهن به پريس ڪلب ميهڙ پهچي /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 18

لاڙڪاڻي ۾ خوراڪ کاتي جي ننڍن ملازمن طرفان مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاجي ريلي

ريلي جي اڳواڻي ڪندڙ شاهه رکيو لاشاري، ساجد علي شيخ، غلام قادر ملاڻو، سيد ناظر حسين شاهه ۽ ٻين اڳواڻن ڪئي

خوراڪ کاتي جي ننڍن ملازمن طرفان جائز حقن جي حاصلات ۾ احتجاج ڪري بڪ هڙتالون شروع ڪيون ويون آهن: اڳواڻ

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ خوراڪ کاتي جي ننڍن ملازمن طرفان مطالبن جي مڃتا لاءِ ڊي ايف سي آفيس کان احتجاجي ريلي ڪڍي وئي. جيڪا شهر جي مختلف رستن کان ٿيندي پريس ڪلب اڳيان پهتي. جتي ملازمن /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 19